# سٺي گمان جون برڪتون

هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سنتن ڀريو بيان

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# سنّي گمان جون برڪتون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

سَيِّدُ المُرسَلِين، جنابِ رَحمَة لِّلعٰلمِين صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دلنشين آهي: جنهنن مون تي هڪ دفعا دُرُوَدِ پاڪ پڙهيو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ ڏهہ (10) نيڪيون لکندو آهي، ڏهہ (10) گناهہ معاف فرمائيندو آهي ۽ ان جا ڏهہ (10) درجات بلند فرمائيندو آهي ۽ هي ڏهہ (10) غلام آزاد ڪرڻ جي برابر آهي.

(الترغيب والترهيب،٢/٣٢٢، حديث:٢٥٧٤)

يا نبی! تجھ پہ لاکھوں دُرُود و سلام
مجھ کو ہے ناز کہ میں ہوں تیرا غلام

اپنی رحمت سے تو شاہِ خیرُ الانام
مجھ سے عاصی کا بھی ناز بردار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله, تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون به نِيّت ڪريان ٿو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 **سورة النحل** آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِا لْحِكْمَةِ وَ الْمَوْ عِظَةِ الْحَسَنَةِ



www.dawateislami.net

”ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهه ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوۡا عَنِّيۡ وَلَوۡ آيَة يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ۞ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ۞ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهه رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ۞ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ۞ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ۞ نظر جي حفاظت ٻڌائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

## معذور گهمڻ ڦرڻ لڳو

ڏاڙيلن جي هڪ جماعت ڦرمار ڪرڻ لاءِ نڪتي، انهيءَ دؤران رات هڪ مسافرخاني ۾ ترسيا، ۽ اتي هي ظاهر ڪيائون تہ اسان راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ جا مسافر آهيون ۽ جهاد جي لاءِ نڪتا آهيون. مسافر خاني جو مالڪ نيڪ ماڻهو هو. ان خدا جو راضپو حاصل ڪرڻ جي نيّت سان انهن جي خوب خدمت ڪئي. صبح جو اهي ڌاڙيل ڪيڏانهن روانا ٿي ويا، ۽ ڦرمار ڪري واپس اتي ئي اچي پهتا، گذريل رات مسافرخاني واري جي جنهن نينگر کي گهمڻ ڦرڻ کان معذور ڏٺو هئائون، اهو اڄ بغير ڪنهن تڪليف جي گهمي ڦري رهيو هو! انهن حيرت سان مسافرخاني واري کان پُڇيو، تہ ڇا هي اهو ڪالهوڪو معذور نينگر ناهي؟ ان وڏي احترام سان جواب ڏنو، جي ها، هي اهو ئي آهي. پُڇيائون، هيءُ ڪيئن صحتمند ٿي ويو؟ جواب ڏنائين هي سڀ توهان جهڙن راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ جي



www.dawateislami.net

مسافرن جي برڪت آهي. ڳالهه هي آهي تہ توهان جيڪو طعام کاڌو هيو، ان مان ڪجهہ بچي پيو هو، اسان توهان جي اوبر وارو کاڌو شفا جي نيّت سان پنهنجي معذور ٻار کي **کارايو** ۽ اوبر واري پاڻيءَ سان ان جي جسم جي مالش ڪئي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان جهڙن نيڪ ٻانهن جي اوبر واري **کاڌي ۽ پاڻيءَ** جي برڪت سان اسان جي معذور ٻار کي شِفا عطا فرمائي. جڏهن ڏاڙيلن اهو ٻُڌو تہ انهن جي اکين مان ڳوڙها جاري ٿي ويا، روئندي انهن چيو، اهو سڀ توهان جي سني گمان جونتيجو آهي، نہ تہ اسان تہ سخت گناهگار آهيون، ٻُڌو اسان راهِ خُدا عَزَّوَجَلَّ جا مسافر نہ پر ڏاڙيل آهيون، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي هن ڪرم نوازيءَ اسان جي دل جي دنيا کي بدلائي ڇڏيو آهي. اسان توهان کي گواهہ بڻائي ڪري توبهہ ٿا ڪريون. پوءِ انهن توبهہ ڪري نيڪيءَ جو رستو اختيار ڪيو ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين توبهہ تي ثابت قدم رهيا. (ڪتاب القليوبي ص 20)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## فيضان سنّت جو تعارف

منا منا اسلامي ڀائرو! سني گمان جي برڪتن سان مالامال بيان ڪيل عظيم الشّان حڪايت فيضانِ سنت جلد اول ۾ موجود آهي. فيضانِ سنّت امير اهلسنّت، باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو لکيل عظيم الشان ڪتاب آهي. فيضان سنت جلد اوّل ۾ چار باب آهن. (فيضانِ بسم اللّٰه، آدابِ طعام، پيٽ جو قفل مدينہ ۽ فيضانِ رمضان). فيضانِ سنّت جلد اوّل ۾ پهريون باب فيضانِ



www.dawateislami.net

بِسمِ الله، جنهن ۾ بسمِ الله پڙهڻ جا فضائل، جنّات کان سامان جي حفاظت جو طريقو وغيره مختلف موضوئن تي مشتمل آهي. فيضانِ سنّت جو ٻيو باب ”آدابِ طعام“جنهن ۾ کائڻ جون سنّتون ۽ آداب سان گڏوگڏ هٿ سان کائڻ جا طِبّي فائده، ٽيڪ لڳائي کائڻ جا طِبّي نقصانات، جنّات ليمن کان گهٻرائيندا آهن، مرحوم نگرانِ شورٰي حاجي محمد مشتاق عطاري رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جن جي مختصر حالاتِ زندگي ۽ جانشينِ اميرِ اهلسنّت، شهزاده عطار، ابو اُسيد حضرت مولانا عبيد رضا عطاري مدني مُدَّظِلُّهُ العَالِي جن کي اميرِ اهلسنّت جي طرفان سان لکيل هڪ مڪتوب (خط) وغيره تي مشتمل آهي. فيضانِ سنّت جلد اوّل جو ٽيون باب ”پيٽ جو قفلِ مدينہ“جنهن ۾ بُک جي فضائل سان گڏوگڏ 52 حڪايتن تي مشتمل آهي. فيضانِ سنّت جلد اوّل جو چوٿون باب ”فيضانِ رمضان“ فضائلِ رمضان سان گڏوگڏ تراويح، ليلة القدر، اعتڪاف، عيد الفطر جا فضائل ۽ نفلي روزن جا فضائل، روزي دارن جون حڪايتون ۽ اعتڪاف ڪرڻ وارن جون 41 مدني بهارون تي مشتمل آهي. فيضانِ سنّت جلد اوّل کي تمام آسان انداز ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ جيئن گهٽ پڙهيل لکيل اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون بہ آساني سان سمجهي سگهن. فيضانِ سنّت جلد اوّل مبلغين ۽ مبلغات سان گڏوگڏ علماء واعظين، خطباء ۽ مقررين، مصنفين وغيره جي لاءِ بہ فائديمند آهي. فيضانِ سنّت جلد اوّل جو جيڪو خوشنصيب اسلامي ڀاءُ يا اسلامي ڀيڻ گهٽ ۾ گهٽ 40 ڏينهن روزانو 2 درس ڏئي ان جي لاءِ اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جي طرفان هن پوري ڪتاب جو ايصالِ ثواب ڪيو ويو آهي. فيضانِ سنّت جلد اوّل مڪتبة المدينہ تان هديةً حاصل ڪري سگهجي ٿو.۽ هن ڪتاب جو مختلف زبانن ۾ ترجمو بہ ٿي چڪو آهي، فيضانِ سنّت جلد اوّل دعوتِ اسلامي جي



www.dawateislami.net

ويب سائٽ www.dawateislami.net تان مفت پڙهي سگھجي ٿي، ڊائون لوڊ ۽ پرنٽ آئوٽ بہ ڪري سگھجي ٿو. فيضانِ سنّت جلد اوّل جيڪڏهن مخيّر اسلامي ڀائر پنهنجي مرحومين ڪي ايصالِ ثواب جي لاءِ خريد ڪري مسجدن ۽ مدرسن، دفترن ۽ ڪارخانن، اسڪولن ۽ ڪاليجن جي لاءِ وقف ڪن يا درس ڏيڻ وارن ڪي تحفۃً ڏين تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ثواب جا انبار لڳي ويندا.

مجھے درسِ فیضانِ سنّت کی توفیق ملے دن میں دو مرتبہ یا الٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! فيضانِ سنّت جلد اوّل مان بيان ڪيل هن حڪايت مان معلوم ٿيو تہ مسلمان تي سنّي گمان جون تمام گھڻيون برڪتون آهن، حسنِ ظن جو مطلب آهي سنو گمان رکڻ، سنو خيال رکڻ مثلاً فلاڻ شخص ڏاڍو نيڪ آهي، منهنجو مرشد، الله عَزَّوَجَلَّ جا ولي آهن. منهنجا نگران تمام گھڻيون نيڪيون ڪرڻ وارا آهن وغيره.

## سنّي گمان جون برڪتون

منا منا اسلامي ڀائرو! مسافر خاني جي مالڪ ڌاڙيلن جي جماعت ڪان سنو گمان رکيوءِ انهن جي ڏاڍي خدمت ڪئي ۽ انهن جو اوبر وارو (يعني جوٺو) ڪاڏو تبرڪ جي طور تي پنهنجي معذور ٻار کي کارايو ۽ انهن جي اوبر وارو پاڻي پنهنجي ٻار جي بدن تي مليو تہ الله تعالٰي سنّي گمان جي برڪت سان ان معذور ٻار کي شفا عطا فرمائي ڇڏي .

هي سنّي گمان ئي جي برڪت هئي جو ڌاڙيلن جي جماعت بہ توبھ ڪري نيڪي جي رستي تي هلڻ لڳا ۽ ثابت قدم رهيا.



www.dawateislami.net

ڪاش! اسان به نيڪ مسلمانن کان سنو گمان رکڻ نصيب ٿي وڃي. ڪاش! اسان به پنهنجي ديني استاد کان، پنهنجي امام صاحب کان، پنهنجي نگران کان سنو گمان رکڻ نصيب ٿي وڃي. آمين

آئیں نہ مجھے وسوسے اور گندے خیالات
دے ذہن کا اور دل کا خدا قفلِ مدینہ

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! هن واقعي کان هي به معلوم ٿيو ته جڏهن هڪ عام مسلمان جي اوبر ۾ شفا آهي ته هڪ نيڪ، متقي، پرهيزگار ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي ولي جي اوبر ۾ برڪتن جو ڪهڙو سمنڊ جوش ماريندو هوندو.

## مفلوج کي هٿوهٿ شفايابي

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ صلوٰة و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي ۾ مسجدن ۾ اجتماعي اعتڪاف جو سلسلو هوندو آهي، جنهن ۾ معتڪفين جي سنّتن پري تربيت ڪئي ويندي آهي. معاشري جا ڪيترائي بگڙيل ماڻهو اعتڪاف ۾ گناهن کان تائب ٿي زندگي جي نئين دؤرجو آغاز ڪندا آهن.ڪڏهن ڪڏهن رب ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي عنايتن سان ايمان افروز ڪرشما به ظاهر ٿيندا آهن، جيئن ته رمضان المبارڪ 1425ھ جي اجتماعي اعتڪاف ۾ دعوتِ اسلاميء جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه باب المدينه ڪراچي ۾ جتي تقريبًا 2000 معتڪفين هئا. انهن ۾ ضلعي چڪوال (پنجاب) جا 77 ورهين جا پيرسن بزرگ حافظ محمّد اشرف صاحب به معتڪف ٿي ويا. حافظ صاحب جي هٿ ۽



www.dawateislami.net

زبان تي فالج جو اثر هيو ۽ ٻڌڻ جي قوت بہ جواب ڏئي چُڪي هئي، هو ڏاڍا خوش عقيدا هئا، انهن هڪ ڀيري افطار جي ڪاڏي ۾ تمام سني گمان سان هڪ مبلغ جو اوبر وارو ڪاڏو ڪٽي ڪاڏو ۽ انهيءَ ڪان دم بہ ڪرايو، بس سندن سني گمان ڪم ڪري ڏيکاريو، الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کي جوش آيو، الله عَزَّوَجَلَّ کين تندرست ڪري ڇڏيو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ سندن فالج واري بيماري ختم ٿي وئي، انهن هزارين اسلامي ڀائرن جي موجودگيءَ ۾ فيضانِ مدينہ جي منچ (يعني اسٽيج) تي چڙهي ڪري وڏي عقيدت سان پنهنجي صحتمند ٿيڻ جي بشارت ٻُڌائي. اها دل خوش ڪندڙ خوشخبري ٻُڌي ڪري فضا ”الله، الله، الله، الله عَزَّوَجَلَّ “ جي پُرڪيف صدائن سان گونجڻ لڳي، انهن ڏينهن ۾ ڪيترن ئي مقامي اخبارن هن فرحت بخش خبر کي شايع ڪيو.

دعوتِ اسلامی کی قیّوم — دونوں جہاں میں مچ جائے دھوم
اس پہ فِدا ہو بچّہ بچّہ — یاالله مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! جيئن تہ اسان کي هي ناهي معلوم تہ ڪهڙو شخص الله عَزَّوَجَلَّ جو ولي ۽ ان جو مقرب ٻانهو آهي. ان لاءِ اسان کي هر هڪ مسلمان ڀاءُ جي اوبر جي قدر ڪرڻ گهرجي. مگر افسوس! اسان جي معاشري ۾ رائج ٿيڻ واري بين ڪيترن ئي خلافِ شرع رسمن وانگر بچيل ڪاڏو بہ ضايع ڪرڻ جو رجحان بہ وڌندو وڃي ٿو. هر طرف ڪاڏي جي بي حرمتي جا دلسوز نظارا آهن، گهريلو فنڪشنز هجن يا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جي نياز جو تبرڪات، سماجي محافل هجي يا شادي جي تقريبات هر طرف ڪاڏي کي ضايع ڪرڻ جا افسوس ناڪ مناظر آهن، تالهن ۾ بچيل تورو



www.dawateislami.net

ڪاڏو، پليٽن ۽ ديڳين ۾ بچيل شوربو، پليٽ ۾ بچي وڃڻ وارو ٻوڙ ۽ ماني جا بچي وڃڻ وارا ڪنارا ۽ ٽڪرا ٻيهر استعمال ڪرڻ ڪي اڪثر ماڻهن جو ذهن ناهي هوندو، اهڙي طرح تمام گهڻو بچيل ڪاڏو عمومًا گند ڪچري جي ڍير جي حوالي ڪيو ويندو آهي. حالانڪ هي اسراف آهي، تنهن ڪري اڄ تائين جيترو به اسراف ڪيو آهي ان کان توبهه ڪريو ۽ آئنده ڪاڏي جي هڪ داڻي شوربي جي هڪ قطري جو به اسراف نه ٿئي ان جو ذهن بڻايو! ياد رهي! اهڙو اسراف جنهن ۾ مال جو ضايع ٿيڻ پاتو وڃي، هي حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.

اهڙي طرح گلاس ۾ بچيل مسلمان جي صاف سٿري پاڻي جي اوبر کي قابلِ استعمال ٿيڻ جي باوجود خوامخواه اڇلائڻ نه گهرجي منقول آهي:

سُؤرُ الْمُؤمِنِ شِفَاءٌ يعني مسلمان جي اوبر ۾ شفا آهي. (الفتاوي الفقهية الكبرٰي لا بن حجر الهيتمي، ج 4، ص 117) پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي اوبر استعمال ڪرڻ ۾ جتي شفا ملڻ جي اميد آهي اتي پاڻ ۾ اخوت ۽ ڀائيچارو پيدا ٿيڻ، باهمي محبت جي وڌڻ، تڪبر جهڙي بيماري کان بچڻ، عاجزي ۽ انڪساري پيدا ٿيڻ سان گڏوگڏ گناهن کان معافي ملڻ جي خوشخبري آهي، جيئن ته سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ باقرينہ آهي: ”عاجزي جي هڪ علامت هي به آهي ته ماڻهو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جو اوبر يعني بچيل پاڻي پي وٺي ۽ جيڪو پنهنجي ڀاءُ جي اوبر پيئندو آهي ان جا 70 درجات بلند ڪيا ويندا آهن، 70 گناهه مٽجي ويندا آهن ۽ ان جي لاءِ 70 نيڪيون لکيون وينديون آهن. (ڪنزالعمال، ج 3، ص. 51، حديث 5745)

مرحبا! مسلمان ڀاءُ جي اوبر يعني بچيل پاڻي پيئڻ، عاجزي جي علامت



www.dawateislami.net

آهي، مسلمان ڀاءُ جي اوبر يعني بچيل پاڻي پيءُ ڇڏڻ **70 درجات جي بلندي** جو سبب آهي، مسلمان ڀاءُ جي اوبر يعني بچيل پاڻي پيءُ ڇڏڻ **70 گناهن کي مٽائي** ڇڏڻ جو سبب آهي، مسلمان ڀاءُ جي اوبر يعني بچيل پاڻي پيءُ **ڇڏڻ 70 نيڪين** لکي ڇڏڻ جو سبب آهي.

گناہوں سے مجھ کو بچا یا الٰہی　　بری عادتیں بھی چھڑا یا الٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## زرد چهري وارو موچي

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جو اردو ۾ ڇپيل ڪتاب "عُيونُ الحڪايات حصو اوّل" جي صفحي نمبر 166 تي حڪايت نمبر 74 آهي:

حضرت سيّدُنا خلد بن ايوب رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: "بني اسرائيل جي هڪ عابد جبل جي چوٽي تي 60 سالن تائين الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪئي. هڪ رات ان خواب ڏٺو تہ ڪير چوڻ وارو چئي رهيو هو: "فلان موچي تو کان وڌيڪ عبادت گذارآهي ۽ ان جو مرتبو تو کان وڌيڪ آهي."

جڏهن اهو عابد ننڊ کان جاڳيو تہ خواب جي باري ۾ سوچيو، پوءِ پاڻ ئي چوڻ لڳو: "هي تہ محض خواب آهي، ان جو ڪهڙو اعتبار" تنهن ڪري ان خواب جي طرف توجهہ نہ ڏني، ڪجهہ عرصي کان پوءِ ان کي ٻيهر انهيءَ طرح خواب ۾ چيو ويو تہ فلان موچي تو کان افضل آهي. پر هن ٻيري بہ ان خواب جي طرف ڪا توجهہ نہ ڏني، ٽئين ڀيري وري ان کي خواب ۾ انهي طرح چيو ويو. هر گهڙي خواب ۾ جڏهن ان موچي جي فضليت جي باري ۾



www.dawateislami.net

ٻڌايو ويو، تہ اهو جبل تان هيٺ لٿو ۽ ان موچي وٽ پهتو. موچي جڏهن ان کي ڏٺو تہ پنهنجو ڪم ڇڏي تعظيمًا بيهي رهيو ۽ وڏي عقيدت سان ان عابد جي دست بوسي ڪرڻ لڳو، پوءِ عرض گزار ٿيو: ”حضور! توهان کي ڪهڙي شيءِ عبادت خاني کان ٻاهر نڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي؟“

اهو عابد چوڻ لڳو: ”مان تنهنجي ڪري هتي آيو آهيان، مون کي ٻڌايو ويو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ تنهنجو رتبو مون کان وڌيڪ آهي؟“ ان سبب کان مان تنهنجي زيارت ڪرڻ آيو آهيان، مون کي ٻڌاءِ تہ اهو ڪهڙو عمل آهي، جنهن جي ڪري تنهنجو الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ اعلٰي مقام حاصل آهي؟ اهو موچي خاموش رهيو، جڻ اهو پنهنجي عمل جي باري ۾ ٻڌائڻ کان گهبراهٽ محسوس ڪري رهيو هو. پوءِ چوڻ لڳو: ”منهنجو ڪو بہ خاص عمل ناهي، ها! ايترو ضرور آهي تہ مان سڄو ڏينهن رِزقِ حَلال ڪمائڻ ۾ مشغول رهندو آهيان ۽ حرام مال کان بچندو آهيان، پوءِ الله تعالٰي مون سڄي ڏينهن ۾ جيترو رزق عطا فرمائيندو آهي، مان ان مان اڌ ان جي راهہ ۾ صدقو ڪري ڇڏيندو آهيان، ۽ اڌ پنهنجي اهل ۽ اهيال تي خرچ ڪندو آهيان، ٻيو عمل اهو آهي تہ مان ڪثرت سا روزا رکندو آهيان ان کان علاوه ڪا ٻئي شيءِ منهنجي اندر اهڙي نہ آهي جيڪا باعثِ فضيلت آهي.“

هي ٻڌي عابد ان نيڪ موچي کان هليو ويو ۽ ٻيهر عبادت ۾ مشغول ٿي ويو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ ٻيهر ان کي خواب ۾ چيو ويو: ”ان موچي کان پڇيو تہ ڪهڙي شيءِ جي خوف توهان جو چهرو زرد ڪري ڇڏيو آهي؟ جيئن تہ اهو عابد ٻيهر موچي وٽ آيو ۽ ان کان پڇيو: ”تنهنجو چهرو زرد ڇو آهي؟ آخر تو کي ڪهڙي شيءِ جي خوف گهيريو آهي؟“ موچي جواب ڏنو: ”جڏهن بہ



www.dawateislami.net

مان ڪنهن شخص کي ڏسندو آهيان تہ منهنجو هي گمان هوندو آهي تہ هي شخص مون کان سٺو آهي، هي جنّتي آهي ۽ مان جهنّم جي لائق آهيان، مان پنهنجو پاڻ کي حقير سمجهندو آهيان ۽ پنهنجو پاڻ کي وڏيڪ گنهگار تصور ڪندو آهيان ۽ مون کي هر وقت جهنّم جو خوف ڪائي ويندو آهي. بس اهو ئي سبب آهي جو منهنجو چهرو زرد آهي.“ اهو عابد واپس پنهنجي عبادت خاني ۾ هليو ويو.

حضرت سَيِّدُنا خلد بن ايوب رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”ان موچي کي ان عبادت گذار شخص تي ان ڪري فضيلت ڏني وئي جو اهو ٻين جي مقابلي ۾ پنهنجو پاڻ کي حقير سمجهندو هو ۽ پنهنجي علاوه سڀ کي جنّتي سمجهندو هو“ (الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.)

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

منا منا اسلامي ڀائرو! جبل جي چوٽي تي 60 سالن تائين الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪرڻ واري عابد کان وڌيڪ هڪ موچي کي ان کان وڌيڪ عبادت گزار ۽ وڏو مقام حاصل ٿيو، ان نيڪ ۽ صالح موچي جي خصوصيات ڇا هيون جو اهو سڄو ڏينهن رزقِ حلال ڪمائيندو، حرام کان بچندو ۽ پوءِ اڌ مال راهِ خدا ۾ صدقو ڪري ڇڏيندو هو. ٻيو عمل ان نيڪ ۽ صالح موچي جو هي هو تہ ڪثرت سان روزا رکڻ ۽ خاص طور تي اهو عمل جنهن جي بنا تي ان نيڪ ۽ صالح موچي کي 60 سالن تائين الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪرڻ واري عابد کان وڌيڪ مقام حاصل هو، اهو خاص عمل هي هو تہ اهو سڀني کان سٺي گمان رکندو ۽ سڀني کي پاڻ کان بهتر سمجهندو، پنهنجي علاوه سڀني



www.dawateislami.net

ڪي جنّتي سمجهندو ۽ پاڻ ان جي پنهنجي ڪيفيت هي هئي ته جهنّم جي خوف ڪان ان جو چهرو زرد ٿي ويو هو.

تیرے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ　　میں تھر تھر رہوں کانپتا یا الٰہی

منا منا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! سٺو گمان هڪ عمده عبادت آهي، سيني ۾ ڌڙڪڻ وارو دل به اسان جي نامہ اعمال ۾ نيڪين جي اضافي جو سبب بڻجندو يا گناهن جي ترقي ۾ برابر جو شريڪ ٿيندو، جڏهن ميدانِ محشر ۾ هٿ، پير، اک، ڪن وغيره کان حساب ورتو ويندو ته هي دل به ان اعضاء سان گڏ شريڪ ٿيندو. جيڪڏهن مسلمانن کان سٺو گمان رکندو ته هي دل اسان جي لاءِ نيڪين ۾ اضافي جو سبب بڻجندو ۽ جيڪڏهن مسلمانن کان بلا وجہ بد گُماني رَکي ته ياد رکو! ان تي پڪڙ جو خوف آهي.

جيئن ته بني اسرائيل، آيت نمبر 36 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

إِنَّ السَّمْعَ وَ الْبَصَرَ وَ الْفُؤَادَ كُلُّ أُولَٰئِكَ كَانَ عَنْهُ مَسْئُولًا ﴿٣٦﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ ڪن ۽ اکيون ۽ دل سمورن کان پڇا ٿيڻي آهي.

سَيّدي اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائي رهيا آهن: اها دل جنهن ۾ پوري جسم جي خير خواهي جو جذبو هوندو آهي، جيڪڏهن ڪنهن هڪ عضوي کي تڪليف ٿئي ته دل فورًا پريشان ٿي ويندو آهي ۽ اسان جو حال هي آهي ته اسان جي دل پاڻ ئي گناهه ڪري بيمار ٿي چڪي آهي، ته هي دل ڪهڙي طرح تيمارداري ۽ خير خواهي ڪندي، الله عَزَّوَجَلَّ ڄاڻي اسان جو ڇا ٿيندو؟

عاشقِ اعلٰي حضرت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا:

دل کے تیمار ہمارا کرتا　　آپ بیمار ہے کیا ہونا ہے



www.dawateislami.net

منا منا اسلامي ڀائرو! ياد رکو ۽ خوب ياد رکو! هن فاني دنيا ۾ پنهنجي زندگي جي مختصر ڏينهن گذارڻ کان پوءِ اسان اونداهي قبر لاٿو ويندو، ڪا خبر ناهي ڪيتري عرصي تائين اسان کي قبر جي وحشت ۽ تنهائي ۾ رهڻو پوندو، پوءِ جڏهن ميدانِ محشر ۾ اسان پنهنجي خالق ۽ مالڪ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿينداسين ته اسان کي پنهنجو هر هر عمل پنهنجي نامہ اعمال ۾ لکيل ڏيکاريو ويندو، جيئن ته قرآنِ ڪريم پاره 30، سورة الزلزال، آيت نمبر 6،7،8 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

يَوْمَىٕذٍ يَّصْدُرُ النَّاسُ اَشْتَاتًا ۙ۬ لِّيُرَوْا اَعْمَالَهُمْ ؕ﴿۶﴾ فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ ؕ﴿۷﴾ وَ مَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ ٪﴿۸﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ان ڏينهن ماڻهو پنهنجي رب جي طرف موٽندا. مختلف رستا وٺي. جيئن سندن عمل اکين ڏيکاريا وڃن.پوءِ جيڪو ذري برابر چڱائي ڪري ان کي ڏسندو ۽ جيڪو ذري برابر برائي ڪري ان کي ڏسندو.

منا منا اسلامي ڀائرو! اسان نہ ٿا ڄاڻيون تہ الله تعالٰي جي بارگاهه کان اسان جي لاءِ بخشش جو حڪم ٿيندو يا معاذ الله عَزَّوَجَلَّ جهنّم ۾ وڃڻ جو حڪم ڏنو ويندو.

گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہوگی
ہائے! میں نارِ جہنم میں جلوں گا یا ربّ
عفو کر اور سدا کے لیے راضی ہو جا
گر کرم کر دے تو جنّت میں رہوں گا یا ربّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ ڪتاب ”الله وارن جو ڳالهيون جلد 2“ ۾ آهي:



www.dawateislami.net

حضرت سيدنا بڪر بن عبدالله مُزَني رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جڏهن ڪنهن پوڙهي ڪي ڏسندا ته فرمائيندا: ”هي مون کان بهتر آهي ۽ مون کان پهريان الله عَزَّوَجَلَّ جي عبادت ڪرڻ جو شرف رکي ٿو ۽ جڏهن ڪنهن نوجوان کي ڏسندا ته فرمائيندا ته هي مون کان بهتر آهي ڇو ته مان هن کان وڌيڪ گناهن جو مرتڪب ٿيو آهيان“ پڻ هي به فرمائيندا هئا ته ”پاڻ تي اهڙو ڪم لازم ڪري ڇڏيو ته جيڪڏهن ان کي پورو ڪريو ته اجر ۽ ثواب جا حقدار بڻجو ۽ جيڪڏهن عمل نه ڪري سگهو ته گنهگار نه ٿيو ۽ اهڙن ڪمن کان بچو جو جيڪڏهن پورو ڪيو ته اجر نه پايو ۽ رهجي وڃي ته گنهگار ٿيو“ پڇيو ويو: ”اهو ڇا آهي؟“ فرمايائين: ”ماڻهن کان بد گماني رکڻ، ڇو ته جيڪڏهن گمان درست ثابت ٿيو، توهان کي ان تي اجر ۽ ثواب نه ملندو، پر جيڪڏهن گمان غلط ثابت ٿيو ته گنهگار ٿيندو“

مَنا مَنا اسلامي ڀائرو! الله وارن جي شان تان قربان وڃون! ڪهڙي طرح پنهنجو پاڻ کي مسلمانن جي بد گماني کان بچائيندا هئا ۽ سٺي گمان جي ترڪيب بڻائيندا هئا. ڪاش! اسان به انهن جي صدقي ۾ بد گماني کان بچي ڪري هر مسلمان جي باري ۾ سٺو گمان رکڻ نصيب ٿئي.

پاره 26 سورة الحجرات آيت نمبر 12 ۾ ارشادِ ربّاني آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اجۡتَنِبُوۡا كَثِيۡرًا مِّنَ الظَّنِّ ۡ اِنَّ بَعۡضَ الظَّنِّ اِثۡمٌ

ترجمو ڪنزالايمان: اي ايمان وارو! گهڻن گمانن کان بچو. بيشڪ ڪو گمان گناهه تي ويندو آهي.

هن آيتِ ڪريمه ۾ بعض گمانن جي گناهه قرار ڏيڻ جو سبب بيان ڪندي امام فخرالدين رازي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه لکن ٿا: ”ڇو ته ڪنهن شخص جو ڪم



www.dawateislami.net

(ڪڏهن ڪڏهن) ڏسڻ ۾ ته برو لڳندو آهي مگر حقيقت ۾ ايئن ناهي هوندو، ممڪن آهي ته ڪرڻ وارو وساري ڪري رهيو هجي يا ڏسڻ وارو ئي پاڻ غلطي تي هجي“ (تفسير ڪبير، ج. 10، ص. 110)

مجھے غیبت و چغلی و بد گمانی ... کی آفات سے تُو بچا یا الٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اسرائيلي عبادت گذار ۽ گنهگار

بني اسرائيل جو هڪ شخص جيڪو ڏاڍو گنهگار هو، هڪ ڀيري تمام وڏي عابد (يعني عبادت گذار) وٽان گذريو، جنهن جي مٿي تي بادل( جهڙ) ڇانو ڪري بيٺو هيو. ان گنهگار پنهنجي دل ۾ سوچيو: ”مان بني اسرائيل جو انتهائي گنهگار ۽ هي تمام وڏو عبادت گذار آهي، جيڪڏهن مان ان جي ويجهو ويهان ته اميد آهي ته الله تعالٰي مون تي به رحم فرمائي ڇڏيندو“ هي سوچي ڪري اهو ان عابد جي ويجهو وينو، عابد کي ان جو ويهڻ ناگوار گذريو، ان دل ۾ چيو: ”ڪٿي مون جهڙو عبادت گذار ۽ ڪٿي هي ڦٻرين درجي جو گنهگار! هي مون وٽ ڪئين ويهي سگهي ٿو!“ جيئن ته ان وڏي حقارت سان ان شخص کي مخاطب ٿي چيو : ”هتان اٿي وڃ!“ ان تي الله تعالٰي ان زماني جي نبي عَلَيْهِ السَّلَام تي وحي موڪلي ته ”انهن ٻنهي کي فرمايو ته اهي پنهنجا عمل نئي سري کان شروع ڪن، مون هن گنهگار کي (ان جي سٺي گمان جي سبب) بخشي ڇڏيو ۽ عبادت گذار جا عمل (ان جي تڪبر جي باعث) ضايع ڪري ڇڏيا“ (احياءُ العلوم الدين، ج. 3، ص. 429)

فخر و غرور سے تُو مجھے بچانا ... یاربّ مجھے بنا دے پیکر تُو عاجزی کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

منا منا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو ته عبادت گذار گنهگار کي ڪمتر ۽ حقير ڄاڻيو ته ان جي تڪبر جي سبب ان جي عبادت ضايع ڪئي وئي، فسادي ۽ گنهگار شخص عبادت گذار کي سٺو ڄاڻيو ۽ ان کان سٺو گمان رکيو ته الله تبارڪ و تعالٰي ان جي بخشش فرمائي ڇڏي.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة فرمائن ٿا: ”سٺي گمان ۾ ڪو نقصان ناهي ۽ بد گماني ۾ ڪو فائدو ناهي“

## گمان جي تعريف

هر اهو خيال جيڪو ڪنهن ظاهري نشاني مان حاصل ٿيندو آهي گُمان چورائيندو آهي. انهيءَ کي ظن به چوندا آهن. مثلاً پري کان دونهون اُٿندڙ ڏسي باهه جي موجودگي جو خيال اچڻ.

(مفردات اِمام راغب، ص۵۳۹ ماخوذًا)

## گُمان جا قسم

بُنيادي طور تي گُمان (ظن) جا ٻه قسم آهن:

(1) حُسنِ ظن (يعني سُٺو گُمان)

(2) سوءِ ظن (يعني بُرو گمان، انهيءَ کي بدگُماني به چوندا آهن)

## حسن ظن جي تعريف

حسن ظن جو مطلب آهي : اِعْتِقَادُ الْخَيْرِ وَالصَّلاحِ فِيْ حَقِّ الْمُسْلِمِيْنَ يعني مسلمانن جي حق ۾ ڀلائي ۽ خير جو يقين ڪري ڇڏڻ. (مرقاة المفاتيح، ج. 8، ص. 779) جيئن عين جماعت جي وقت ڪنهن کي مسجد مان ٻاهر نڪرندي ڏسي هي گمان ڪرڻ ته هن جو وضو باقي نه رهيو هوندو يا هن کي ڪو ٻيو عذر پيش آيو هوندو.



www.dawateislami.net

## حسن ظن جو حڪم

صدر الافاضل، حضرت علامہ مولانا مفتي سيد نعيم الدين مراد آبادي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه گمان جا اقسام ۽ ان جا حڪم بيان ڪندي ارشاد فرمائن ٿا: گمان جا گهڻا قسم آهن، هڪ واجب آهي جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ سان سُٺو گُمان رکڻ ۽ ڪڏهن مُستَحبّ جيئن مؤمن صَالح سان چڱو گُمان رکڻ، هڪ ممنوع حرام آهي، اهو الله عَزَّوَجَلَّ کان برو گمان ڪرڻ ۽ مومن کان برو گمان ڪرڻ، هڪ جائز اهو فاسقِ معلن سان اهڙو گمان رکڻ جنهن جا افعال ان مان ظاهر ٿيندا هجن. (خزائن العرفان، پ٢٦، الحجرات تحت الآية ١٢)

## سني گمان جي متعلق احاديثِ طيّبہ

1. اِنَّ حُسۡنَ الظَّنِّ مِنَ الۡاِيۡمَانِ يعني بيشڪ سنو گمان رکڻ ايمان جو حصو آهي. (تفسير روح البيان، ج. 9، ص. 84)

2. شهنشاهِ مدينہ، قرار قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪعبي مُعَظَّم کي مخاطب ٿي ارشاد فرمايو: تون پاڻ ۽ تنهنجي فضا ڪيڏي پياري آهي، تون ڪيڏو نہ عظمت وارو آهين ۽ تنهنجي حُرمت (يعني عزت) ڪيڏي عظيم آهي، ان پاڪ ذات جو قسم جنهن جي قبضہٴ قدرت ۾ محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي جان آهي! الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو هڪ مؤمن جي جان ۽ مال ۽ ان کان سنو گمان رکڻ جي حرمت تنهنجي حرمت کان بہ وڌيڪ آهي. (ابن ماجه ج 4 ص 319 حديث 3932)

3. حُسۡنُ الظَّنِّ مِنۡ حُسۡنِ الۡعِبَادَةِ يعني حُسن ظن (سنو گمان) عمدا عِبادت مان آهي. (سُنَنِ اَبِي دَاوٗد ج 4 ص 388 حديث 4993)



www.dawateislami.net

بيان ڪيل آخري حديثِ مبارڪ جي تحت مُفسِّر شَهِير حَڪِيمُ الأُمت مُفتِي اَحمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان هن حديثِ پاڪ جا مختلف مطلب بيان ڪندي لکن ٿا. يعني مسلمانن کان سٺو گمان ڪرڻ، انهن تي برو گمان نہ ڪرڻ بہ سٺي عبادتن مان هڪ عبادت آهي. (مرأة المناجيح ج6 ص 621)

منا منا اسلامي ڀائرو! يقينًا ڪنهن مسلمان جي باري ۾ سٺو گمان رکڻ نيڪي آهي پر شيطان لعين اسان کي ان کان روڪڻ جي پوري ڪوشش ڪندو ۽ هر گهڙي وار ڪندو تہ جيئن اسان ڪهڙي طرح بد گماني ۾ مبتلا ٿي وڃون. ڪڏهن ڪڏهن شيطان ڪنهن مسلمان جي باري ۾ بد گماني پيدا ڪرڻ جي لاءِ ڌوڪو ڏيندو آهي تہ هي تنهنجي هوشياري ۽ ذهانت آهي ۽ جيئن تہ تون مومن آهين ۽ مومن الله عَزَّوَجَلَّ جي نور سان ڏسندو آهي تہ تون پنهنجي مومنانہ فراست سان حقيقت جو سراغ ڪڍي ورتو آهي، حالانڪ حقيقت ۾ اهو ان وقت شيطان جي فريب جو شڪار ٿي بد گماني جي گناهہ ۾ مبتلا ٿي رهيو هوندو آهي. انهي طرح فون تي ڪا اهم ڳالهہ ڪرڻي هجي تہ هڪ بہ ٻيرا جواب نہ ملڻ تي تہ سٺو گمان اچي ويندو آهي پر وقفي وقفي سان ڪجهہ ٻيرا ڪال ڪرڻ تي بہ جڏهن بئي پاسي کان ڪال رسيو نہ ٿئي تہ هاڻي بد گمانيون، غيبتون، تهمتون ۽ دل آزاريون جو نہ رڪجڻ وارو سلسلو شروع ٿيندو آهي اَلْاَمَان وَالْحَفِيظ. اهڙن موقعن تي جيڪڏهن ڪو سٺو گمان رکڻ، بد گمانين کان بچڻ ۽ صلہ رحمي ڪرڻ تي مشتمل نيڪي جي دعوت پيش ڪري تہ ان کي بہ بري طرح ڳالهايو ويندو آهي. حالانڪ جيسيتائين ڪا واضح ڳالهہ سامهون نہ ٿي اچي اسان کي سٺي گمان کان ئي ڪم وٺڻ گهرجي. شيخ طريقت امير اهلسنت باني دعوت اسلامي



www.dawateislami.net

حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اهڙي موقعي تي سني گمان جي ترغيب ڏيندي ارشاد فرمائن ٿا:

## موبائل فون

ڪنهن کي ڪجهہ پيرا ٻلڪ 100 پيرا بہ فون يا SMS يا اي ميل ڪيو هجي ۽ جواب نہ مليو هجي تہ بہ پنهنجي مسلمان ڀاءُ کان حُسنِ ظن (سني گمان) کان ڪم وٺي بهترين عبادت جو ثواب ڪمائي ڇڏيندا ڪريو، جيئن تہ "يعني سُنو گُمان ڪرڻ بهترين عبادت مان آهي" (سُنَنِ ابي داود ج4 ص 387 حديث 4993) ان ڪري سنو گمان رکو تہ جواب نہ ڏيڻ ۾ ان جي ڪا نہ ڪا مجبوري هوندي. وڏيڪ ان مسئلي تي بہ نظر رکو تہ فرض ڪيو تہ ڪنهن ڄاڻي واڻي بہ فون وصول نہ ڪيو يا اوهان جي SMS يا اي ميل جو جواب نہ ڏنو تہ شريعت مطابق ان جو گنهگار ٿيڻ ضروري ناهي، نہ تہ جنهن جنهن وٽ فون هوندي اهو هر هر گنهگار ٿيندو رهندو. خود توهان پاڻ بہ تہ هر ڪنهن جو هر فون وصول نہ فرمائيندا هوندؤ، پر افسوس!فون جو جواب نہ ملڻ تي شيطان گهڻن ماڻهن کي ڪڏهن ڪڏهن سڀ ڪجهہ وساري ڪاوڙ وچان چريو ڪري ڇڏي ٿو، ان ڪري ٿڌي دماغ کان ڪم وٺو. جيڪڏهن توهان ڪاوڙ ۾ صبر کان ڪم نہ ورتو تہ پوءِ غيبتن، تهمتن، بدگمانين وارا جملا واتان نڪري سگهن ٿا

## فون وصول ڪري ثواب ڪمايو

فون وصول ڪرڻ وارن کي مدني گلن سان نوازيندي ارشاد فرمائن ٿا بيشڪ هرڪنهن جو فون وصول ڪرڻ واجب نہ آهي پر مسلمان جي دل رکڻ لاءِ ۽ ان کي غيبتن، تُهمَتن، بدگُمانين وغيره گناهن کان بچائڻ جي لاءِ سنين



www.dawateislami.net

سنين نِيّتن سان هٿون هٿ فون وصول ڪريو ۽ SMS جو جواب بہ ڏئي ڇڏيو، اهو بہ تي سگهي ٿو تہ فون ڪندڙ کي ڪا ايمرجنسي پيش آئي هجي، اوهان جيڪڏهن ڪنهن سخت مجبوري تحت فون وصول نہ ڪري سگهيو ، تہ پوءِ هاڻي ڪجهہ وقت کانپوءِ توهان ان کي فون ڪريو ۽ ان جي دل خوش ڪري آخرت جي ثواب جا حقدار ٿيو. مسلمان جي دل خوش ڪرڻ جي ثواب جي بہ ڇا ڳالهہ آهي، دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 743 صفحن تي مُشتَمِل ڪتاب "جنت میں لے جانے والے اعمال" جي صفحي نمبر 534 تي آهي حضرت سيّدنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ نبِيّن جي سَروَر، بنهي جَهانَن جي تاجوَر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ :اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ وٽ فرضن جي ادائگي کانپوءِ سڀ کان اَفضل عمل مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ آهي.

(اَلْمُعجَمُ الڪَبير لِلطبراني ج11 ص 59 حديث 11079)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! موبائل فون کان علاوه ٻين طريقن سان بد گماني کي دل ۾ جڳهہ ڏني وڃي ٿي، حالانڪ اڪثر مقامات تي سني گمان کان ڪم وٺندي ثواب حاصل ڪري سگهجي ٿو. شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ فرمائن ٿا: سني گمان ۾ ڪو نقصان ناهي ۽ بد گماني ۾ ڪو فائدو ناهي. اچو! سني گمان جي عادت کي پختو ڪرڻ جي لاءِ سني گمان جا فائدا ۽ بد گماني جا نقصانات ٻڌون ٿا.



www.dawateislami.net

## حُسنِ ظن جا فائدا

حُسنِ ظن قائم ڪرڻ جا گهڻائي فائدا آهن:

(1) حُسنِ ظن جي برڪت سان ماڻهو بدگماني کان بچي ڪري عظيم ثواب ڪمائي ٿو.

(2) حُسنِ ظن قائم ڪرڻ جي برڪت سان هڪ مسلمان ڀاءُ جي عزت محفوظ ٿيندي آهي.

(3) جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي باري ۾ حُسنِ ظن ان کي سُڪون قلب نصيب ٿيندو آهي ۽ جيڪو بدگماني جي بُري عادت ۾ مُبتلا هوندو آهي ان جي دل ۾ وحشتن جو گهر هوندو آهي.

(4) سڀ کان ڀهريان حُسنِ ظن قائم ڪرڻ جي صورت ۾ ماڻهن کي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ هن جي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رِضا حاصل ٿيندي آهي.

## بدگماني جا نقصان

بدگماني جي گهڻائي نقصان آهن. انهن مان چند هي آهن.

1. جيڪڏهن سامهون واري تي پنهنجي بدگماني جو اظهار ڪيو ته هن جي دل آزاري جو قوي انديشو آهي ۽ بغير اجازت شرعي مسلمان جي دل آزاري حرام آهي.

2. جيڪڏهن هن جي غير موجودگي ۾ ڪنهن ٻئي تي اظهار ڪيو ته غيبت ٿي ويندي ۽ مسلمان جي غيبت ڪرڻ حرام آهي.



www.dawateislami.net

3. بدگماني جي نتيجي ۾ تجسس پيدا ٿي ويندو آهي ڇو ته دل محض گُمان تي صبر ناهي ڪندو بلڪ تحقيق طلب ڪندو آهي جنهن جي سبب سان انسان تَجَسُّس ۾ پئجي ويندو آهي ۽ تَجَسُّس يعني پنهنجي مُسَلمان ڀاءُ جا گناهن جي ٽوهه يعني تلاش ۾ رهڻ هي به ممنوع آهي.

4. بدگماني کان بغض، حَسَد، ڪينو، نفرت ۽ عَداوت جهڙا باطني اَمراض به پيدا ٿيندا آهن. (فتح الباري، ج10 ص 410، حديث: 6066)

5. ڳالهه ڳالهه تي بدگماني ڪرڻ واري شخص سان ماڻهو ڪترائيندا آهن ۽ اهو شخص ماڻهن جي نگاهن ۾ ذليل ٿي هوندو آهي.

خُدايا عطا کر دے رحمت کا پانی
رہے قَلب اُجلا دُھلے بد گُمانی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حُسنِ ظن رکڻ جو طريقو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرؤ! حُسنِ ظَن جي عادت بنائڻ جي لاءِ چند طريقا به ٻڌي وٺو.

### (1) مُسلمان جي خوبين تي نظر رکو

مسلمان جي خامين جي ٽٽول جي بجاءِ ان جي خوبين تي نظر رکو. غيبت ڪرڻ وارن، چغل خورن ۽ پاڪيزه ماڻهن جا عيب تلاش ڪرڻ وارن کي الله عَزَّوَجَلَّ (قيامت جي ڏينهن ڪتّي جي شڪل ۾ اٿاريندو.

(الترغيب الترهيب ج 3 ص 325 حديث: 10ملتقطاً)



www.dawateislami.net

## (2) بدگماني هجي ته توجهّ هٽائي ڇڏيو

جڏهن به ڪنهن مسلمان جي باري ۾ دل ۾ بُرو گُمان اچي ته ان کي فوراً هٽائي ڇڏيو ۽ ان جي عمل تي سٺو گمان قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو. مثلاً ڪنهن اسلامي ڀاءُ کي نعت يا بيان ۾ روئندي ڏٺو توهان جي دل ۾ هن جي متعلق رياڪاري جي بدگماني پيدا ٿي ته فوراً هن جي اخلاص سان روئڻ جي باري ۾ حُسنِ ظن قائم ڪرڻ گهرجي. جَلِيۡلُ الۡقَدر تابعي حضرت سَيِدُنا سعيد بن مسيّب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائيند آهن: ”اصحابِ رسول رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُم مان منهنجي ڪجهه ڀائرن مون کي لکي ڪري مڪليو ته پنهنجي مُسلمان ڀاءُ جي فعل کي سٺي صُورت تي محمول ڪيو جيستائين هن جي خلاف دليل غلب نه اچي وڃي ۽ ڪنهن مُسلمان ڀاءُ جي زبان کان نڪرڻ واري جملي کان ان وقت تائين برو گمان نه ڪجو، جيستائين توهان ان کي ڪنهن سٺي صُورت تي محمول ڪري سگهو ٿا ۽ جيڪو خود پنهنجو پاڻ کي تهمت جي لاءِ پيش ڪري ان کي پاڻ کان سوا ڪنهن کي ملامت نه ڪرڻ گهرجي. (شعب الايمان في حسن الخلق، فصل في ترڪ الغضب، الحديث 8345، ج 6، ص 323)

## (3) خُود نيڪ بڻجو تان جيئن ٻيا به نيڪ نظر اچن

پنهنجي اصلاح جي ڪوشش جاري رکو ڇو ته جيڪو خود نيڪ هجي اهو ٻين جي باري ۾ به نيڪ گُمان (يعني سٺو خيال) رکندو آهي جڏهن ته بُري شخص کي ٻين ۾ به برائي نظر ايندي آهي. عَرَبي مَقُولہ آهي:

اِذَا سَاءَ فِعۡلُ الۡمَرۡئِ سَاءَتۡ ظُنُوۡنُهٗ (يعني جڏهن ڪنهن جا ڪم خراب هوندا آهن ته ان جي گُمان (يعني خيال) به خراب ٿي ويندا آهن.)



www.dawateislami.net

مِرا تَن صَفا ہو مِرا مَن صَفا ہو
خدا! حُسنِ ظَن کا خزانہ عطا ہو

## (4) دُعاءِ خير ڪيو

جڏهن بہ ڪنهن اسلامي ڀاءُ جي لاءِ بدگماني پيدا ٿئي تہ هن جي لاءِ دُعا خير ۽ هن جي عزت ۽ اڪرم ۾ اضافو ڪري ڇڏيو. حجة الاسلام حضرت سيّدنا امام ابُو حامد محمّد بن محمّد غزالي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ارشاد فرمائن ٿا: جڏهن توهان جي دل ۾ ڪنهن مسلمان جي باري ۾ بدگماني اچي تہ توهان کي گهرجي تہ ان جي عزت جي لاءِ دعاءِ خير ڪيو، ڇو جو هيءَ شيء شيطان کي غصّو ڏياريندي آهي ۽ شيطان کي توهان کان پري ڀڄائيندي آهي. ائين شيطان ٻيهر توهان جي دل ۾ بُرو گمان ڏيارڻ کان ڊڄندو ڪٿي توهان پنهنجي ڀاءُ جي رعايت ۽ هن جي لاءِ دُعاءِ خير ۾ مشغول نہ ٿي وڃو. (احياءُ العلوم ج3 ص 187)

مجھے غیبت و چُغلی و بد گمانی کی آفات سے تُو بچا یا الٰہی

## (5) سٺي صحبت اختيار ڪيو

بُري صُحبت کان بچي ڪري نيڪ صبحت اختيار ڪيو، جتي هن جون بيون برڪتون حاصل ٿينديون حُسنِ ظَن جي عادت بہ ٺهجندي.

منا منا اسلامي ڀائرو! حُسنِ ظَن جي عادت ٺاهڻ ۽ بدگماني کان جان ڇڏائڻ جي لاءِ تبليغِ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيو. اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ! مدني ماحول جي برڪت سان اعلٰي اخلاقي اوصاف غير محسوس طور تي توهان جي ڪردار جو حصو بڻجي ويندا. پنهنجي شهر ۾ ٿيڻ واري دعوت اسلامي جي هفتہ



www.dawateislami.net

وار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ۽ راھ خدا عزوجل ۾ سفر ڪرڻ وارن عاشقان رسول جي مدني قافلي ۾ سفر ڪيو، مدني قافلي ۾ سفر جي برڪت سان پنهنجي گذريل زندگي تي غور ڪرڻ جو موقعو ملندو ۽ دل حُسنِ عاقبت جي لاءِ بي چين ٿيندو ، جنهن جي نتيجي ۾ گناهن ڪرڻ تي ندامت محسوس ٿيندي ۽ توبه جي توفيق ملندي، عاشقانِ رسول جي مدني قافلن ۾ مسلسل سفر جي نتيجي ۾ زبان تي فُحُش ڪلامي ۽ فضول گوئي جي جڳهه تي درود پاڪ جاري ٿيندو، هي تلاوتِ قرآن، حمد الٰهي ۽ نعتِ رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عادي بڻجي ويندي. غصّو ختم ٿي ويندو ۽ ان جي جڳهه نرمي اچي ويندي، بي صبري جي عادت ترڪ ڪري صبر ۽ شڪر ۾ رهڻ نصيب ٿيندو، بدگماني جي عادت بہ نڪري ويندي ۽ حُسنِ ظَن جي عادت بڻجندي، تڪبّر ڪان جان ڇٽي ويندي ۽ احترام مُسلم جو جذبو ملي ويندو، دُنياوي مال ۽ دولت جي لالچ ڪان جان ڇٽي ويندي ۽ نيڪين جي حرص ملي ويندي، الغرض! بار بار راھِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر ڪرڻ وارن جي زندگي ۾ مدني اِنقلاب پيدا ٿي ويندو.

گنہگار آؤ! سِیہ کارو آؤ ! گُناہوں کو دیگا چُھڑا مَدَنی ماحول
پلا کر مئے عشق دیگا بنا یہ تمہیں عاشقِ مُصطفٰے مَدَنی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مرضِ عصيان ڪان نجات

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي علاقي ملير جي رهائش پذير اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ مان هڪ فيشن پرست نوجوان هيس. فلمن ڊرامن، گانن باجن جو شيدائي، آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پياري پياري سنت



www.dawateislami.net

ڏاڙهي مبارڪ کان محروم ۽ فرض نمازن ۾ غفلت جو شڪار هيس. اسان جي پاڙي جي مسجد ۾ درسِ فيضانِ سنّت ٿيندو رهندو هو. خوش قسمتي سان هڪ ڏينهن مان بہ درس ۾ شريڪ ٿي ويس ۽ درسِ فيضانِ سنّت وڏي توجهہ سان ٻڌڻ لڳس، جنهن جي برڪت سان علمِ دين سکڻ جو جذبو بيدار ٿيو، نماز، وضو ۽ غسل جا فرائض سکڻ جو ذهن بڻيو. درس کان پوءِ جڏهن اسلامي ڀائرن هڪ ٻئي سان ملاقات ڪئي تہ هڪ اسلامي ڀاءُ اڳيان وڌي ڪري مون سان بہ پر تپاڪ انداز ۾ ملاقات ڪئي ۽ مون تي انفرادي ڪوشش ڪندي منهنجو مدني ذهن بڻايو. مون غنيمت جو موقعو ڄاڻي، ان سان شرعي مسائل سکڻ جي جذبي جو اظهار ڪيو، جنهن تي انهن منهنجي ڀرپور حوصلہ افزائي فرمائيندي شفقت ڀريي انداز ۾ چيو: ”درس ۾ شرڪت ڪندا رهو، اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ سکي ويندو“ مون ان کان پوءِ درس ۾ شرڪت جو پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو. هڪ ڏينهن شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِيَہ جو بيان ”قبر جي پهرين رات“ ٻڌو تہ منهنجا وار ابا ٿي ويا . منهنجي دل تي ڏاڍو اثر ٿيو ۽ مان پنهنجي دنيا ۽ آخرت سنوارڻ جي لاءِ مدني ماحول سان وابسطہ ٿي ويس. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ مدني ماحول جي برڪت سان مان سنّت جي مطابق زندگي گذارڻ وارو بڻجي ويس. وضو، غسل ۽ نماز کي درست ڪيو، فرض نمازن جي پابندي سان گڏوگڏ قضا عمري جو ذهن بڻيو ۽ نوافل پڙهڻ جي عادت بہ بڻجي وئي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي سنت جي فضيلت، چند سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ جنت نشان آهي: جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشکاۃ المصابیح، ج. 1، ص. 55، حديث. 175)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## گهر ۾ اچڻ وڃڻ جا 12 مدني گل

﴿1﴾ جڏهن گهران ٻاهر نڪرو ته هي دعا پڙهو: "بِسۡمِ اللهِ تَوَكَّلۡتُ عَلَى اللهِ لَا حَوۡلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ" ترجمو: الله جي نالي سان، مون الله تي ڀروسو ڪيو. الله کان سواءِ نه (گناهن کان بچڻ جي) قوت آهي ۽ نه (نيڪيون ڪرڻ جي) طاقت آهي. (سنن ابن داود، ج 4 ص 420 حديث 5095) اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ انهيءَ دعا کي پڙهڻ جي برڪت سان سڌي واٽ تي رهندو مصيبتن کان حفاظت ٿيندي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي مدد شاملِ حال رهندي ﴿2﴾ پنهنجي گهر ۾ ايندي ويندي مَحارِم ۽ مَحرمات (مثال طور ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ، ٻارن ٻچن وغيره) کي سلام ڪريو﴿3﴾ بنا الله (عَزَّوَجَلَّ) جو نالو وٺڻ جي مثال طور بِسۡمِ الله چوڻ بنا جيڪو پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيندو آهي، شيطان به اُن سان گڏ داخل ٿي ويندو آهي ﴿4﴾ جيڪڏهن اهڙي گهر (ڪٿي پنهنجي خالي گهر ۾ وڃڻ ٿئي جو اُن ۾ ڪو به نه هجي ته هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيۡنَا وَعَلٰى عِبَادِ اللهِ الصّٰلِحِيۡن (يعني اسان تي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن تي سلام) ملائڪ انهي سلام جو جواب ڏيندا. (ردالمحتار ج 9 ص 682) يا هن ريت چوي: اَلسَّلَامُ عَلَيۡكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ (يعني يا نبي توهان تي سلام) ڇوته حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو روح مبارڪ مسلمانن جي گهرن ۾ تشريف فرما هوندو آهي. (بهار شريعت حصو 16 ص 96، شرح الشفاء للقاري ج 2 ص 118)



www.dawateislami.net

﴿5﴾ جڏهن ڪنهن جي گهر ۾ داخل ٿيڻ چاهيو ته هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيۡکُم ڇا مان اندر اچي سگهان ٿو؟ ﴿6﴾ جيڪڏهن داخل ٿيڻ جي اجازت نه ملي ته خوشي سان موٽي وڃو، ٿي سگهي ٿو ڪنهن مجبوري جي ڪري گهر جي مالڪ اجازت نه ڏني هجي ﴿7﴾ جواب ۾ نالو ٻڌائڻ کان پوءِ دروازي کان هٽي بيهو ته جيئن دروازو کلندي ئي گهر ۾ نظر نه پوي ﴿8﴾ ڪنهن جي گهر وڃو ته اُتان جي انتظامات تي بي جا تنقيد نه ڪريو ان سان اُن جي دل آزاري ٿي سگهي ٿي ﴿9﴾ واپسيءَ تي گهروارن جي باري ۾ دعا به ڪريو ۽ مهرباني به ادا ڪريو ۽ سلام به ۽ ٿي سگهي ته ڪو سنتن ڀريو رسالو وغيره تحفي ۾ پيش ڪريو.

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جا شايع ٿيل ٻه ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهارِ شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنّتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي. (101مَدَنی پھول،ص۲۷)

عاشقانِ رسول، آئیں سنّت کے پھول دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين ھو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنھنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناهہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## (4) ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[4]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[5]

---

[3]...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[4]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[5]...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[6]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَاللهُ تَعَالٰي عَنهُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[7]

### (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[6] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[7] ... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net